شرشش

3741

شرشش

390

مظاهر مصطفوي

عرف

عنايات حضرت حبيب

مصنف

الحاج حافظ محمد "احسن"

75

١٩٧٣ع

Aakash Asswani (1)

753

جناب ڊاڪٽر خليل صاحب، استاذ الشعراء، مخدوم الادباء، سنڌ جي لائق وفائي فرزند اديب ڊاڪٽر محمد اسماعيل ... جي خدمت ۾ تحفو.
غلام مصطفى قاسمي
5/3/1976

مظاهر مصطفوي

عرف

عنايات حضرت حبيب

مصنف

الحاج حافظ رحمن 'احسن' چنا

SINDH ARCHIVES
HAMIDI KHALIL COLLECTION
Acc. No............................
Date:...............................

ڇاپو پهريون] قيمت ٢-٠٠ [جلد ١٠٠٠

١٩٧٣ع

ڇپائيندڙ:-
اوقاف کاتو سنڌ.

CULTURE, TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

فهرست

عنوان		صفحو
انتساب	مصنف	١
ديباچو	”	٢
دعا	مصنف	١٠
تعارف مرحوم رئيس ضياءالدين صاحب.	ايس- بلبل	١٢
تبصره الحاج ڊاڪٽر محمدابراهيم صاحب	”خليل“	١
تعارف مرحوم مخدوم آمير احمد صاحب		٥
سرور عالم جي مڪي زندگي		٨
عفو مصطفوي		١٧
هجرت رسول	(قصيده)	١٨
هجرت بعد مڪه جي ڪفارن جا منصوبا	(مثنوي)	٢١
مڪه جي ڪفارن جي سازش جو اثر	(مثنوي)	٢٢
مڪه جي ڪفارن ڪان مدينه وارن ڪي ڌمڪيون	(مثنوي)	٢٣
حضورن جن جي دشمن سان ڀلائي	(مثنوي)	٢٤
مجلس نبويءَ جو هڪ واقعه مساوات		٢٦

دشمن کي دعا	(قصيده)	٢٧
عام رحمت	(مثنوي)	٣٠
اُحد جي جنگ جو هڪ واقعو	(نظم)	٣١
حضرت حمزي جو مسلمان ٿيڻ	(غزل)	٣٢
حضور جن جو عدل ۽ انصاف	(مثنوي)	٣٤
حضور مقبول جن جي همت ۽ معافي	(قصيده)	٣٥
برائيءَ عوض چڱائي	(قصيده)	٣٨
دشمن کي ٻه معافي ڏيڻ	(نظم)	٤١
اهل بيت رسول جي زندگي	(نظم)	٤٢
حسن سلوڪ	(نظم)	٤٤
رحمت رسول	(مثنوي)	٤٥
جان جي دشمن کي معافي	(نظم)	٤٧
مڪه جي فتح ۾ معافي ڏيڻ	(قصيده)	٤٩
حضرت عمر جي مسلمان ٿيڻ جو واقعو	(مثنوي)	٥٢
حضور انور جن جي سادگي	(نظم)	٥٨
سلطان الانبياء جو عدل ۽ انصاف	(مثنوي)	٥٩
عدوئن تي احسان	(مسدّس)	٦٢
شفقت ۽ مساوات	(نظم)	٦٤
حضرت صديق اڪبر جو ايثار	(مثنوي)	٦٦
رحمت جا هٿ مبارڪ	(نظم)	٦٨
اسلامي حڪومت ۾ عدل ۽ انصاف	(مثنوي)	٧٠
رسول مقبول جن جو رحم و ڪرم	(مسدّس)	٧٣
صاحب، معراج جي غربا نوازي	(قصيده)	٧٥

حضرت بلال جو مسلمان ٿيڻ	(نظم)	۷۸
عدل عمر	(مسدّس)	۸۰
حضرت عثمان غنيؓ جي سخا	(نظم)	۸۵
اسلامي مساوات	(نظم)	۸۷
صحابن جو ڪاڏو ڪاٺ	(مثنوي)	۸۹
اسلامي گورنر جي سادگي	(نظم)	۹۰
تبصره مرزا اجمل بيگ		۹۲
قطعه تاريخ طبع اول مرزا اجمل بيگ		۹۵
قطعه حاجي عبدالرحمن انجم ملائي		۹۶

سنڌ پرنٽنگ پريس اڪال ٻونگا گهٽي حيدرآباد سنڌ.

مهاڳ

جڏهن کان سنڌ جي اوقاف کاتي- ون يونٽ جي چڪر کان الڳ ٿي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، ان وقت کان هن کاتي ٻين انتظامي ادارن، درگاهن ۽ مسجدن جي ترقي ۽ تعمير سان گڏ تبليغي، تاريخي ۽ اسلامي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم به شروع ڪري ڏنو هو. هن وقت تائين اوقاف کاتي جي نگراني هيٺ قلندر شهباز جي فڪر- فلسفي ۽ سوانح تي قلندر نامه- ضياء قلندر- گلزار قلندر ۽ قطب قلندر جهڙا ننڍا- وڏا معياري ڪتاب ڇپجي پڙهندڙن کان داد هٿ ڪري رهيا آهن ۽ هاڻي هي نئون ڪتاب "مظاهر مصطفوي" اوهان جي هٿن ۾ پهچي رهيو آهي. اهو ڪتاب سنڌ جي ڪهنه مشق شاعر ۽ اديب حافظ محمد احسن چنا جي تاريخي نظمن جو مجموعو آهي. جو هن کان اڳ به ڇپيو هو ۽ سنڌ جي برک شاعرن ۽ اديبن جون ان تي تنقيدون پڻ ڇپيون هيون سنڌ جي اوقاف کاتي هن ڪتاب جا مصنف کان حق ۽ واسطا هٿ ڪري ان کي پيهر عمدي مصري ٽائيپ ۾ خاص اهتمام سان ڇپايو آهي.

ڪتاب جو موضوع سيرت نبوي علي صاحبها الصلواة والسلام آهي. آنحضرت جن جي پاڪ سيرت جي ڪن خاص

واقعن کي مٺي سنڌي نظم جو لباس پهرايو ويو آهي. ڪتاب جا عنوان هي رکيل آهن: سرور عالم جي مڪي زندگي. عفو مصطفوي، هجرت بعد مڪي جي ڪافرن جا منصوبا، حضور صه جي دشمن سان هڪ ڀلائي، مساوات جو هڪ واقعو، دشمنن کي دعا، عام رحمت، احد جي جنگ جو هڪ واقعو وغيره. انڪان سواءِ هن ڪتاب ۾ صحابين سڀني رضوان الله عليهم اجمعين جي سيرت ۽ اخلاق تي پڻ عمدا شعر لکيا ويا آهن.

ڏٺو ويو آهي ته ياد ڪرڻ ۾ نثر کان نظم وڌيڪ سولي هوندي آهي. انڪري هن ڪتاب جي پڙهڻ سان آنحضرت صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندن پيارن سائين سڳورن جا اخلاق ياد ڏيئي ويندا، جن سان اسان کي پنهنجي زندگي سنوارڻ ۾ وڏي مدد ملندي.

اسان آخر ۾ سنڌجي وزير اوقاف جناب سيد قائم علي شاهه ۽ عوامي حڪومت جي ساراهه کان رهي نه ٿا سگهون جن جي مدد ۽ ديني ۽ ملڪي جذبي هيٺ سنڌ ۾ هي اشاعتي سلسلو ترقي ڪري رهيو آهي.

ڏني بخش سومرو

چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ

مظاهر مصطفوي بابت تاثرات

از ابو المشتاق الحاج ميرزا محمد افضل بيگ الخطيب ابن شمس العلماء اديب اعظم خانبهادر ميرزا قليچ بيگ صاحب

الحمد لله و كفي وسلام علي عباده الذين اصطفي اما بعد جناب اديب العصر استادالشعراء حضرت الحاج حافظ محمد احسن صاحب چنه ملڪاڻي دادو وارن کي اديب اعظم شمس العلماء قبله والد ماجد خانبهادر رئيس ميرزا قليچ بيگ صاحب عليه الرحمة جي شاگرديءَ جو شرف حاصل آهي.

سنڌ جو جامي، نظامي، انوري، سعدي اهو،
ڪين گهٽ هو مير، غالب، داغ، سودا، ذوق کان
(احسن)

جناب حافظ صاحب جي هر ڪا تصنيف و تاليف پوءِ اها نظم هجي يا نثر نهايت دلاويز ۽ دلپسند هوندي آهي. هن ڪتاب مظاهر مصطفويءَ ۾ جناب احسن صاحب جن اسلامي واقعات نهايت عمدگيءَ سان منظوم ڪيا

آهن، جن جو احوال ۽ بيان بلڪل خوش اسلوب آهي. هي ڪتاب اڳ به ڇپبو هو ۽ هينئر سنڌ جو اوقاف کاتو ان کي ٻيهر شايع ڪري رهيو آهي، مظاهر مصطفوي اڪين تي رکڻ جهڙو آهي. اسان کي ذاتي ڄاڻ آهي ته سنڌ جي هڪ لاثاني روحاني رهبر مولانا الحاج قبله شاه آغا عبدالله جان سرهندي فاروقي عليه الرحمته جن هن ڪتاب کي اول کان آخر تائين ٻڌو هو ۽ ٻڌي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا هئا ۽ اهو فرمايو هو ته اهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن جن سان طبيعت خوش ٿئي ٿي ۽ ماڻهو انسانيت ۽ ماڻهپو پرائي ٿو.

والسلام

۳ ذي الحج ۲۹ ڊسمبر ۱۹۷۳ الحرام ۱۳۹۳ ھ

TOURISM, ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT. OF SINDH

ديباچو

ٻھرئين ڇاپي جو

بعض اوقات، دلي جذبات سبب، اسلامي تواريخي واقعات، نظم جي صورت ۾ منھنجي قلم مان ظاھر پئي ٿيا جن مان ڪي ٽورا، سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل ھئا ۽ ڪي قلمي صورت ۾ موجود ھئا.

محترم احباب جي ارشاد موجب، آھي نظم، جدا جدا موضوعن، جدا جدا بحر ۽ وزن، ڏار ڏار شعر جي قسمن ۾ گڏ ڪري، ڪتابي صورت ۾، علم دوست اصحاب ۽ عوام جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا. واقعات، حضور اقدس صلي الله عليه وسلم جي زمانہ جا آھن. اميد تہ پڙھندڙن جي دل تي اثر پذير ٿيندا.

جن صاحبن ھن ڪتاب بنسبت تبصره، تعارف، تقريظون ۽ تاريخون لکي مون تي مھرباني ڪئي آھي انھن سڀني صاحبن جو تھدلي شڪريو ادا ڪيان ٿو.

ازانسواء ثاني حاتم، السخي حبيب الله، الحاج سيٺ محبوب الٰھي مرحوم، محترم و مڪرم مولانا الحاج محمد افضل بيگ مرزا ۽ محسن ادب، قدردان سخن، اديب

ابن اديب حضرت آجمل بيگ صاحب آجمل مرزا صاحبان جو شڪريہ ادا نہ ڪرڻ احسان فراموشي ٿيندي، جن جون هر وقت ۽ هر طرح عنايت جون نظرون مون ڏانهن متوجه آهن.

نوٽ: هن ڪتاب جو نالو، ساده تاريخ موجب جناب تاج الشعراء ڊاڪٽر محمد ابراهيم صاحب خليل رکي فرمايو آهي. جو آهي (مظاهر مصطفوي = ١٣٨١ هه) ۽ عنايات. حضرت حبيب = ١٩٦٢ع).

حافظ محمد احسن نا (دادو)

تاريخ ٢٢ جولاء ١٩٦٢ع

تعارف (۱)

از جناب اديب، سنڌ اديب ابن اديب رئيس ضياءالدين صاحب ايس بلبل (ضيا) مرحوم.

الحاج حافظ محمد احسن چنا، انهن پرائڻ ڪهنه مشق شاعرن ۽ اديبن ۾ هڪ بچيل هستي آهي، جنهن جو شيوو ”تتيءَ تڏيءَ ڪاه ڪانهي ويل ويهڻ جي“ جي مطابق رهيو آهي ۽ جن جي وجود مسعود سان اسان جي ٻولي ۽ اسانجو ادب اڄا پساه کڻي رهيو آهي.

جيئن لاڙڪاڻه جي ادبي باغ و بهار جو مالهي جناب حاجي محمود صاحب خادم مرحوم و مغفور هيو، تيئن دادوءَ جي نخلستان جو پيڙهيءَ وارو راکو جناب حافظ محمد احسن صاحب نظر ٿو اچي.

جيئن لاڙڪاڻه جون علمي ادبي محفلون، خادم صاحب کان پوءِ سرد ٿي ويون آهن، تيئن احسن صاحب کان پوءِ هتان جي حسن و جمال جي جهڪي وڃڻ جو

خوف آهي- خدا کين وڏي عمر عطا ڪري شال ۽ ڪي
اهڙن بزرگن جي نقش قدم تي هلڻ وارا پيدا ڪري
جو سنڌي علم ادب، ثقافت، شعرو شاعريءَ جي شمع،
گل ٿيڻ کان بچائي وٺي- آمين

حافظ صاحب پراڻي دستور موجب ملنسار، مانائتو،
ڪسر نفسيءَ جو قائل، ڪم ڳالهائيندڙ، برجستو، علم جي
مخزن، حلم جو ڀنڊار، نيڪ نمازي، صبر ۽ تحمل
وارو، ساده ۽ مستقل مزاج وارو آهي. خدا سائين اسان
جي نوجوانن کي اهڙيون خصلتون ۽ خوبيون عطا
ڪري شال.

حافظ صاحب جون هونءَ ته تصنيفون ۽ تاليفون
اڪيچار آهن، جهڙوڪ ديوان احسن، رباعيات احسن،
گلزار شعر، احسن الاخلاق، گلزار احسن، قصص الانبيا،
ترغيب العلم، سچن تي ستم، بنات الرسول، اصلاح
المسلمين، شاه جو پيغام وغيره مگر منهنجي ناچيز راءِ
۾ هيءَ سندن تصنيف نهايت عمدي، بلند پايه ۽
افضل آهي- ان ڪري آءٌ ته جيڪر جناب حفيظ جالنڌري
جي شاهنامه اسلام جو سنڌي ٻوليءَ ۾ مد مقابل
چوان ته بي جا نه ٿيندو. هيءُ مختصر رسالو سچ پچ
سنڌيءَ ۾ شاهنامه سلام سڏجڻ جي قابل آهي. هن
جي مقابله ۾ مير حسن علي خان ٽالپر وارو سنڌ جو شاهنامه،
شاهنامه نه پر ڪلهوڙن جو شڪست نامه آهي- ڪي

نالا مناسب ۽ موزون ۽ ڪي ناموزون ۽ ناموافق به هوندا آهن.

هن رسالي ۾ مختلف وزن ۽ بحر جي نظم ۾ ڇٽيهه مختلف عنوان هيٺ اسلام جي آغاز جي تاريخ ڏني وئي آهي، جنهن جو پڙهڻ وقت قلب ۽ نور ايمان جي فروغ جو باعث آهي. دراصل، اهڙن بزرگن ۽ اهڙين تصنيفن ڪان منهن موڙڻ يا اک ميري ڪرڻ ۾ ئي اسان جي موجوده ٿهڳي جو ڪج روي ۽ اخلاقي خلفشار جو راز سمايل آهي ۽ اُن جو علاج به اهو آهي ته اهڙن بزرگن ۽ اهڙين تصنيفن ڏانهن اعتقادي جذب سان رجوع ڪجي. مگر هر ڪنهن دور جو هڪ خاص رجحان ٿيندو آهي، جنهن جو علاج به وقت ئي ڪري سگهندو آهي. اسان لاءِ دعا ڪرڻ جي ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه آهي. سڀ ڪجهه الله ۽ ان جي رسول جي هٿ ۾ آهي.

هن ڪتاب ۾ انهيءَ رسول جي متعلق ئي مٺو ۽ من موهڻو مواد مهيا ڪيو ويو آهي. جنهن جي مطالعه ڪرڻ سان محبت رسول موجزن ٿيندي ۽ محبت رسول ئي الله کي سڃاڻڻ ۽ اوڏڙو ٿيڻ جو ذريعو ۽ زينو آهي.

هن دين خدمت بجا آڻڻ تي حافظ صاحب ڪيرون

لکڻيون. اميد ته هن ڏس ۾ اڃا پنهنجي قلم کي وڌيڪ هلائيندو.

خدا ڪرے زور - قلم اور زيادہ

CULTURE TOURISM ANTIQUITIES & ARCHIVES DEPARTMENT
SINDH ARCHIVES
GOVT OF SINDH

ضياء الدين ايس بلبل
صدر بزم بلبل ميهڙ
صدر انجمن آفتاب ادب
دادو

دادو - ١٤ مئي ١٩٦١ع

٣٧- اسلامي گورنر جي سادگي

(نظم)

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

ڪتابن ۾ آهي لکيل هيءَ روايت
سا عبرت جي عبرت حڪايت، نصيحت
’حمص‘ جي گورنر بنسبت ڪنهين شخص
ڪئي هيءَ تہ حضرت ’عمر‘ سان شڪايت
تہ ايرڻ ڪان سج جي اڳي ڪين ڪنهن سان
ملي ٿو، انهيءَ ۾ رهي ايڏي نخوت
ملي ٿو نہ هو رات جو ڀي ڪنهين سان
هو حاڪم، ۽ مائهن سان هنجي ٿي ڪلفت
مهيني ۾ هڪ ڏينهن غائب رهي ٿو
خدا ڄاڻي! ڇا ان ۾ ٿي انجي حڪمت؟
گهرايو گورنر کي ان وقت ’فاروق‘
ٻڌايائين ان کي، سندس جا شڪايت
ٻڌي هيءَ شڪايت ۽ بيهي ادب سان
چيائين تہ بلڪل بجا آهہ حضرت!
پچايان ٿو ماني، مان هر صبح پنهنجي
ڪنهين سان ملڻ جي ملي ٿي نہ فرصت
نہ نوڪر اٿم، جو ڪري منهنجي خدمت
نہ سمجهان ٿو نوڪر رکڻ جي ضرورت
نماز عشا بعد ٿيان ٿو مان فارغ

نه قرآن جي مان، ڪيان تو تلاوت
جڏهن رات، اڌ ڪان زياده ٿي گذري
تڏهن تو وڪوڙي اچي، خواب غفلت
ڏکڻ لاء، ڪيڙن جو آهي وڳو هڪ
زياده جي مونکي، نه طاقت، نه حاجت
ڌئان تو مهيني ۾ هڪڙو دفعو سي
جو ٿئي ٿي انهن ۾ غلاظت، ڪثافت
سبب جي هوا، سي ڪيا عرض مون سڀ
اِهي منهنجا ڪم ۽ اِها منهنجي عادت
خطا منهنجي، آهيان مان لائق سزا جو
ڪريو حڪم، اي صدر بزم خلافت
جڏهن هيء ٻڌي سيني تقرير انجي
وهايو اکين مان ٿي عرق ندامت
چيائون ته هن ڪان، نه آهي شڪايت
اسانجو قصور ۽ اسان جي حماقت
هي ٿي هڪ گورنر جي احسن! رهائش
ذرا ڏس! تون اڄ، هڪ سپاهي جي حالت!

پورو ٿيو

تبصره

از قلم:- آجهل بيگ قليچ بيگ ميرزا "آجهل"

الحاج حافظ محمّد صاحب 'آحسن' چنا، دادوي، سنڌ جي آنهن ڪهنه مشق ۽ ممتاز اديبن ۽ شاعرن مان هڪ آهي، جن ساري ڄمار سنڌي زبان، سنڌي ادب، سنڌي نظم ۽ سنڌي نثر جي ترقيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ بي بها خدمتون سر انجام ڏنيون. سنڌ جون مختلف اخبارون، رسالا ۽ خود سندن لاجواب تصنيفون، انهيءَ جون شاهد آهن.

حافظ صاحب جن جو نثر توڙي نظم، سلاست ۽ سادگيءَ جي هڪ جيئري جاڳندي تصوير آهي ۽ اهائي هڪ ڳالهه، اديبن ۽ شاعرن کي، مقبوليت جي معراج تي پهچائڻ ۽ زنده جاويد بنائڻ جو خاص باعث بڻبي آهي.

جن اديبن ۽ شاعرن کي، صحيح معنيٰ ۾ اديب ۽ شاعر چئي سگهجي ٿو، سي هن وقت سنڌ ۾ ٽي يا چار مس آهن. آنهن ٽي ٽن يا چئن اديبن ۽ شاعرن ۾، حافظ محمد صاحب احسن جن جو شمار آهي. دعا آهي ته خداوند ڪريم جلشانه، شل! کين تا دير قائم رکي ۽ خضري ڄمار عطا فرمائي، جيئن پاڻ، سنڌي زبان ۽ سنڌي علم و ادب جون خدمتون حسب معمول، زور ۽ شور سان سر انجام ڏيندا اچن. (آمين.)

جيئن ته هيءَ ڪتاب ”مظاهر مصطفوي“ عرف ”عنايات حضرت حبيب“ (پهرئين ڀيري) جمالي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾، منهنجي ئي زير نظر ڇپجي پڌرو ٿيو هو ۽ انجي پروفن کي پڙهڻ جو ڪم، منهنجي ئي حوالي هو، تنهنڪري مون کي انهيءَ ڪتاب لاجواب جي هرهڪ مصراع ۽ مصراع جي هرهڪ لفظ کي چڱيءَ ريت پڙهڻ ۽ پروڙڻ جو موقعو، هڪ ڪان وڌيڪ گهمرا ميسر ٿيو.

اگرچه هيءُ ڪتاب سؤ، سوا سؤ صفحن تي مشتمل آهي، تنهن هوندي به جيڪڏهن ان تي باقاعدي هڪ مقدمه لکڻ جي آءٌ جسارت ڪريان ها، جئن ڪ حافظ صاحب جن جو ارشاد هو، ته هوند هڪ ٻيو ضخيم ڪتاب ٺهجي پوي ها، ڇا لاءِ جو ”مظاهر مصطفوي“ جا اڪثر آشعار، اسلامي ۽ تاريخي تلميحات جا حامل آهن. اهڙيءَ ريت، اسلامي تاريخ جي هڪ چڱي خاصي حصي تي مونکي قلم فرسائي ڪرڻي پوي ها. گوناگون تلميحات جو استعمال ئي، انهيءَ حقيقت جي دلالت ڪري ٿو ته احسن صاحب جن جو اسلامي ۽ تاريخي مطالعو، وسيع ترين آهي، جنهن کان سواءِ اهڙيءَ تخليق جو ظهور بذير ٿيڻ، محال ۽ ناممڪن آهي.

وري جيڪڏهن علم عروض يا شعري نقطه نگاه کان هن ڪتاب کي جانچيو، تڏهن به منجهس شعر جي مختلف صفن، صنعتن، لفظي ۽ معنوي خوبين ۽ نزاڪتن بحرن ۽ وزنن جون گوناگونيون نظر اينديون، جنجو،

جيڪڏهن جدا گانه بيان ڪريان ته گويا مونکي علم بديع ۽ علم عروض جا اڪثر باب دهرائڻا پون. حقيقت ۾، اهڙن ئي موقعن لاءِ ”ڪوزي ۾ درياه“ وارو مشهور محاورو استعمال ٿيندڙ آهي.

جئن مون مٿي عرض ڪيو ڪيو ته احسن صاحب جن جي ڪلام جي خاص خوبي، اُنجي سلاست ۽ سادگي آهي، جنهن منجهان جيتريقدر پڙهيل ڳڙهيل حضرات لطف اندوز ٿي سگهن ٿا، ايتريقدر ئي سنڌ جي ٻهراڙيءَ جا نيم خواندا عوام پڻ بهره ور ٿي ۽ حظ حاصل ڪري سگهن ٿا. اگرچه، ظاهر ۾، احسن صاحب جن جا اشعار اُهي سادن سودن رنگن سان جڙيل تصويرون آهن، جن کي مصور، نهايت چابڪدستيءَ سان رڱي تيار ڪيو آهي؛ پر جيڪڏهن انهن تصويرن جي ته ۾ وڃبو ته انهن جو پس منظر نهايت ئي لطيف، معنيٰ خيز ۽ پرشڪوه نظر ايندو. اسلامي تاريخ جي مختلف واقعن ۽ دين متين جي دقيق مسئلن کي احسن صاحب جنهن نوع ۽ طريقي سان، سنڌي نظم ۾ نڀايو ۽ بيان ڪيو آهي، سو پڙهندڙن جي دلين تي، سنڌي زبان جي قدامت، وسعت ۽ همه گير هجڻ جي رعب ويهارڻ لاءِ ڪافي آهي.

پڇاڙيءَ ۾ قطعه ء تاريخِ طبعِ ڪتاب ”مظاهر مصطفوي عرف ”عنايات حضرتِ حبيب“ پيش ڪري، پنهنجي تبصره کي تمام ڪريان ٿو.

حيدرآباد - ٢١ آڪٽوبر، سنہ ١٩٦٢ع
فقط والسلام
الراقم- اجمل بيگ - ق - مرزا

قطعه تاريخ طبع

نہ ”احسن“ صفت ڏو ڏسان سنڌ ۾،
سخن سنج ذيشان ۽ اعليٰ اديب
ادب ۾ ٿيو آنجو اعليٰ مقام،
اهو مرتبو، ٿيو نہ ٻئي کي نصيب.
مضامين آنجا ٿيا بي نظير،
۽ اشعار آنجا عجيب ۽ غريب.
عروسِ سخن سان ٿيو همڪنار،
جلي رشڪ جي باه ۾ ويا رقيب.
تواريخِ اسلام جا واقعا،
قلمبند ڪيا نظم ۾ تنهن نجيب.
وڏي هوشياريءَ سان درياه کي،
ڪيو بند ڪوزي ۾، لائق لبيب.
مٺي مير مرسل جو سو مدح خوان،
۽ باغِ رسالت جو سو عندليب.
ملي نيڪ هيءَ فال قرآن مان،
تہ ”نصرٌ من الله فتحٌ قريب.“
جو هاتف کان اجمل پڇو سال طبع،
چيو آن: ”عنايات حضرت حبيب.“
= سنہ ١٩٦٢ع

SINDH ARCHIVES
IBRAHIM KHALIL COLLECTION
Acc No..........................
Date..........................

قطع تاريخ طبع ڪتاب
"مظاهر مصطفوي"

از قلم بلاغت رقم، محترم و مڪرم حاجي عبدالرحمان صاحب (انجم) هالائي

١- ڪتاب "عنايات حضرت حبيب"
لکڻ سان ڪيو آهي احسن ڪمال

٢- منجهس دريڪتا ۽ گوهر گران
منجهس نظم ناياب سحر حلال

٣- مفيد ۽ مؤثر بہ اشعار سي
منجهس نڪتا نازڪ ۽ عمدا خيال

٤- مبارڪ جو احسن تيو مستحق
هجي ان تي راضي خدا ذوالجلال

٥- پڇم هجري سن طبع، هاتف چيو:
"سخن بي بها ۽ ازين بي مثال"
١٣٨٢ هه

٦- چيائين اي انجم! اچا ٻڌ وري
پيو: "نظم چؤدلڪشا خوب" سال
سال ١٩٦٢ع

علمي ڪتاب

● شاهه وليءَ الله جو فلسفو ١٠-٠٠ رپيا

ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو.

شاهه ولي الله جي فلسفهٔ آخلاق ۽ عملي علم ڪلام تي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پي - ايڇ - ڊي لاءِ انگريزي ۾ لکيل تحقيقي مقالي جو سنڌي ترجمو.

● شاهه ولي الله جي زندگي ٣-٠٠

هن ڪتاب ۾ شاهه ولي الله صاحب جي زندگي ۽ علمي ڪم تي شاهه صاحب جي ڪتابن جي روشنيءَ ۾ نهايت عمدي معلومات پيش ڪئي ويئي آهي. حاشيي تي ماخذ جا تفصيلي حوالا عبارتن سميت ڏنا ويا آهن. تاليف: پروفيسر جلباڻي.

● سنڌي ترجمو تاويل الاحاديث ٣-٠٠

(اصل تاليف شاه ولي الله صاحب)

هن ڪتاب ۾ قرآن مجيد ۾ آيل انبيائن عليهم السلام جي قصن ۽ معجزن کي عقلي ۽ حڪيمانه رنگ ۾ سمجهايو ويو آهي. مترجم: پروفيسر جلباڻي.

● سنڌي ترجمو "الانصاف" ٢-٠٠

اصل ڪتاب شاهه ولي الله صاحب جو عربي ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ فقهي اختلافن جو بيان ۽ ان جو حَلُ پيش ڪيو ويو آهي. هيءُ ان جو سولي سنڌي ٻولءَ ۾ بامحاوره ترجمو آهي.

شاهه ولي الله اڪيڊمي

پوسٽ باڪس نمبر ٧٢، صدر حيدرآباد سنڌ